هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو

# سُنّتن ڀريو بيان

06-OCTOBER-2016



رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہ

## فاروقِ اعظم جي عاجزي

(SINDHI)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ ط

اَمَّا بَعْدُ! فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ط

اَلصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُولَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَ اَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَ اَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَـوَيتُ سُنَّتَ الاِعتِكاف (مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

جڏهن بہ مسجد ۾ داخل ٿيو، ياد اچڻ تي نفلي اعتڪاف جي نيّت ڪري ونو، جيستائين مسجد ۾ رهندؤ نفلي اعتڪاف جو ثواب پڻ ملندو رهندو ۽ ضمنًا مسجد ۾ ڪائڻ پيئڻ بہ جائز ٿي ويندو.

## دُرُودِپاڪ جي فضيلت

فرمانِ مُصطَفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آهي: جيڪو مون تي جمعي جي ڏينهن دُرود شريف پڙهندو قيامت جي ڏينهن آئون ان جي شفاعت فرمائيندس.

(جمع الجوامع للسيوطي ج ٧ ص ١٩٩ حديث ٢٢٣٥٢،از ضيائے درود و سلام،ص١١)

اُف وہ رہِ سنگلاخ، آہ! یہ پا شاخ شاخ
اے مِرے مشکل کشا! تم پہ کروڑوں دُرُود

شعر جي وضاحت: هاءِ افسوس! ڏکهو سفر آهي، رستو بہ پٿرن پريو آهي ۽ منهنجا پير بہ زخمن سان چُور چُور آهن. اي منهنجي مشڪلن ڪي حل فرمائڻ وارا آقا!(صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) منهنجي مشڪل ڪشائي فرمايو، اوهان تي الله عَزَّوَجَلَّ ڪروڙين رحمتون نازل فرمائي.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ثواب حاصل ڪرڻ خاطر بيان ٻڌڻ کان پهريان سٺيون سٺيون نيتون ڪيون ٿا. فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: نِيَّةُ الْمُؤمِنِ خَيرٌ مِّن عَمَلِه.

www.dawateislami.net

يعني مسلمان جي نيت ان جي عمل کان بهتر آهي.[1]

**ٻه مدني گُل:** 1 بنا سٺي نيت جي ڪنهن به نيڪ عمل جو ثواب ناهي ملندو.
2 جيتريون سٺيون نيتون وڌيڪ، اوترو ثواب به وڌيڪ.

## بيان ٻڌڻ جون نيّتون

❁ نگاهون جهڪائي انتهائي توجهه سان بيان ٻُڌندس ❁ ٽيڪ لڳائي ويهڻ بدران علمِ دين جي تعظيم خاطر جيترو ٿي سگهيو گوڏا ڀچي ويهندس ❁ ضرورت طور سوڙهو ٿي سِرڪي ٻين جي لاءِ جاءِ ڪُشادي ڪندس ❁ ڌِڪو وغيره لڳو ته صبر ڪندس، گهورڻ، جهڙڪڻ ۽ اُلجهڻ کان بچندس ❁ صَلُّوا عَلَي الحَبِيب! اُذكُرُوالله، تُوبُوا اِلَي الله! وغيره ٻُڌي ثواب ڪمائڻ ۽ صدا لڳائڻ وارن جي دِل جوئي (يعني دلداري) جي لاءِ بلند آواز سان جواب ڏيندس ❁ بيان کان پوءِ پاڻ اڳتي وڌي سلام، مُصافحو ۽ اِنفرادي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## اوچتو ٻه (2) شينهن سامهون آيا

مَنقُول آهي ته روم جي بادشاه جو موڪليل هڪ عجمي شخص مَدِينَۃُ المُنَوَّرَہ آيو ۽ ماڻهن کان حضرت سَيدُنا عُمَر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْہُ جو پتو پُڇيائين، ماڻهن ٻڌايو ته اُهي منجهند جو شهر کان ڪجهه پري کجور جي باغن ۾ قَيلُولَہ (يعني آرام) فرمائيندي اوهان کي ملندا، اهو عجمي شخص ڳولها ڪندي سندن وٽ پهتو ۽ اِهو ڏٺائين ته پاڻ پنهنجي چمڙي جو دُرّو پنهنجي مٿي هيٺ رکي زمين تي پڪي ننڊ سمهي رهيا آهن. عجمي شخص ان ارادي سان تَلوار کي مياڻ مان ڪڍي اڳتي وڌيو ته اَمِيرُ المؤمنين رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْہُ کي قتل ڪري ڇڏي وڃي، پر اهو جيئن ئي اڳتي وڌيو، اوچتو ان ڏٺو ته ٻه (2) شينهن

[1] (المعجم الكبير للطبراني، باب السين،سهل بن سعد الساعدی الحديث: 5942، ج 6، ص 185)

www.dawateislami.net

وات ڦاڙي ان تي حملو ڪرڻ وارا آهن. اهو خوفناڪ منظر ڏسي اهو خوف ۽ دَهشَت سبب رڙيون ڪرڻ لڳو، جنهن سبب اَمِيرُالمؤمنين رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْهُ بيدار ٿي ويا ۽ مُلاحظہ فرمايو تہ عجمي شخص ڪليل تلوار هٿ ۾ ڪٽي گهٽو ڏڪي رهيو آهي. پاڻ ان جي رڙين ۽ دَهشَت جو سبب معلوم ڪيو تہ ان سَچ سَچ سمورو واقِعو بيان ڪري ڇڏيو پوءِ ان بلندآواز سان ڪلمو پڙهي اِسلام قبول ڪري ورتو ۽ اَمِيرُالمؤمنين رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْهُ ان سان نهايت ئي شَفقَت ڀريو ورتاءُ ڪري ان جي قُصُور کي مُعاف ڪري ڇڏيو. (اِزالة الخِفاء،فصل رابع، ۱۰۹/۴)

خدا کے فضل سے میں ہوں گدا فاروقِ اعظم کا

خدا ان کا محمد مصطفٰے فاروقِ اعظم کا

(وسائل بخشش،ص۵۲۶)

صَلُّوْاعَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** هن حڪايت مان مَعلُوم ٿيو تہ اللّٰہ عَزَّوَجَلَّ پنهنجي خاص ٻانهن جي خُود حِفاظت فرمائيندو آهي ۽ ڪڏهن ڪڏهن انهن جي لاءِ غيب مان اهڙو سامان فَراهم ڪندو آهي جو ڪنهن جي وَهم ۽گُمان ۾ بہ ناهي هوندو ۽ ان واقعي مان حضرت سَيدُنا عمر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْهُ جي عاجزي ۽ نِوڙَت واري پياري صفت بہ معلوم ٿي، پاڻ رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْهُ اميرُالمُومنين ۽ وقت جا بادشاھ هئا. جيڪڏهن چاهِن ها تہ عالي شان محل بنائن ها، ان کي هر طرح جي آسائشن ۽ سهولتن سان سينگارين ها ۽ ان ۾ نهايت آرام ده بستر بہ لڳائي سگهيا ٿئي، پر پاڻ رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْهُ عاجزي ۽ انڪساري اپنائيندي زمين تي ئي آرام ڪندا هئا. ٿورو غور ڪيو! هڪ پاسي تہ مسلمانن جو ٻيو خليفو فارُوقِ اعظم رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْهُ آهي جيڪي سمورين سهولتن کي ٺڪرائي عاجزي جو پيڪر بڻجي رهيا ۽ ٻي پاسي اسان آهيون جو دولت ۽ دُنيوي مرتبي ۽

منصب جي نشي ۾ مدهوش ٿي خبر ناهي ڇو غُرور ۽ تڪبُّر جي کائي ۾ ڦاسندا پيا وڃون. ياد رکو! جيڪي دُنياوي مال ۽ دولت ۽ شهرت جا مالڪ آهن انهن کي تہ وڌيڪ اِحتياط جي حاجت آهي تہ ڪٿي اهي دُنياوي نعمتون انهن کي تڪبُّر جي آفت ۾ مبُتلا ڪري الله عَزَّ وَجَلَّ جي ناراضگي جو سبب نہ بڻجي وڃن، تڪبُّر اهڙي بُري صفت آهي جو جنهن جي ڪري انسان دنيا ۽ آخرت ۾ ذليل ۽ رُسوا ٿي ويندو آهي، جيئن نبي مُڪرَّم، نُورِ مُجسَّم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو فرمانِ مُعَظّم آهي: " ”جيڪو **الله** عَزَّوَجَلَّ جي لاءِ عاجزي اختيار ڪري **الله** عَزَّوَجَلَّ ان کي بلندي عطا فرمائيندو، بس هو پاڻ کي ڪمزور سمجهندو پر ماڻهن جي نظرن ۾ عظيم هوندو ۽ جيڪو تڪبر ڪري **الله** عَزَّوَجَلَّ ان کي ذليل ڪري ڇڏيندو، بس اهو ماڻهن جي نظرن ۾ ڪمتر هوندو پر پاڻ کي برتر سمجهندو هوندو ايستائين جو اهو ماڻهن وٽ ڪُتي ۽ خنزير کان بہ بدتر ٿي ويندو آهي.“

(كنزالعمال كتاب الاخلاق ، قسم الاقوال، ج ٣، ص٥٠، الحديث ٥٧٣٤)

فخر و غُرور سے تُو مولیٰ مجھے بچانا
یا ربّ! مجھے بنا دے پیکر تُو عاجزی کا

(وسائلِ بخشش مرمم، ص178)

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## تڪبُّر جون تباه ڪاريون:

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! تڪبر اهڙو مُهلِڪ (يعني هلاڪ ڪرڻ وارو) باطني مرض آهي جيڪو پاڻ سان گڏ ٻين ڪيترين ئي براين کي آڻي ٿو ۽ ڪيترين ئي چڱائين کان ماڻهوءَ کي محروم ڪري ٿو. حُجَّةُ الِاسلام حضرت سيدنا امام محمد بن محمد غزالي رَحۡمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیۡہ لکن ٿا: مغرور شخص جيڪو ڪجهه پنهنجي لاءِ پسند ڪري ٿو اهو پنهنجي مسلمان ڀاءُ جي لاءِ پسند نٿو ڪري

www.dawateislami.net

سگهي، اهڙو شخص عاجزيءَ تي بہ قادر ناهي هوندو، جيڪا تقويٰ ۽ پرهيزگاري جي جڙ آهي، ڪينو (يعني دل ۾ لڪيل دُشمني) بہ نٽو ڇڏي سگهي، پنهنجي عزت بچائڻ جي لاءِ ڪوڙ ڳالهائيندو آهي، ان ڪوڙي عزت جي ڪري غصو نٽو ڇڏي سگهي، حسد کان نٽو بچي سگهي، ڪنهن جي خير خواهي نٽو ڪري سگهي، ٻين جي نصيحت قبول ڪرڻ کان محروم رهي ٿو، ماڻهن جي غيبت ۾ مبتلا ٿي ويندو آهي مطلب تہ متڪبر ماڻهو پنهنجو ڀرم رکڻ جي لاءِ هر برائي ڪرڻ تي مجبور ۽ هر سٺي ڪم ڪرڻ کان لاچار ٿي ويندو آهي." (احياء العلوم، ج٣، ص ٤٢٣) وڌيڪ فرمائن ٿا: تڪبُّر جو اظهار ڪڏهن تہ انسان جي عادتن ۽ طور طريقن سان ٿيندو آهي جيئن ناراض ٿيڻ، بيزار ٿيڻ، گهورڻ متي ڪي هڪ طرف جهڪائڻ، ٽنگ تي ٽنگ رکي ويهڻ، ٽيڪ لڳائي ڪائڻ، آڪڙجي هلڻ وغيره ۽ ڪڏهن ڳالهائڻ سان مثلاً هي چوڻ: "(تون منهنجي سامهون ڪجهہ بہ نہ آهين) تنهنجي اها هِمّت جو مون کي جواب ٿو ڏئين"وغيره وغيره . مطلب تہ مختلف حالن، ڳالهين ۽ ڪمن جي ذريعي تڪبّر جو اظهار ٿي سگهي ٿو. وري ڪِن مغرورن ۾ اظهار جا سڀ انداز ڏٺا ويندا آهن ۽ ڪِن مُتَڪَبِّرن ۾ ڪجهہ. پر ياد رهي تہ اهي سڀ ڳالهيون اُن وقت تڪبر جي دائري ۾ ايندييون، جڏهن تہ دل ۾ تڪبر موجود هجي، فقط انهن شين کي تڪبر نٽو چئي سگهجي. (ماخوذ از احياء العلوم ،ج٣، ص٤٣٤)

فخر و غُرور سے تُو مولیٰ مجھے بچانا
یا ربّ! مجھے بنا دے پیکر تُو عاجزی کا
(وسائلِ بخشش مرمم،ص178)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! تڪبُّر جي ئي سبب شيطان ذليل ۽ رُسوا ٿي

www.dawateislami.net

بارگاهِ الٰهي مان ڪڍيو ويو، جڏهن تہ ان کان پهريان شيطان سَرڪش ۽ نافرمان نہ هو بلڪ اُن هزارين سال عبادت ڪئي، جنّت جو خزانچي رهيو، اهو جِنّ هو پر پنهنجي عبادت ۽ رِياضت ۽ عِلميت جي سبب مُعَلِّمُ المَلَڪوت يعني ملائڪن جو اُستاد بڻجي ويو، پر ڪجهه گهڙين ۾ تڪبُّر جي سبب الله عَزَّوَجَلَّ جي نبي حضرت سَيدُنا آدم عَلٰي نَبِيِّنَا وَ عَلَيه الصَّلٰوة وَالسَّلَام جي توهين جو مُرتڪب ٿيو ۽ حڪمِ الٰهي عَزَّوَجَلَّ جي نافرماني جي ڪري اُن جون ورهين جون عبادتون بيڪار ۽ هزارن سالن جون رياضتون برباد ٿي ويون. ذلت ۽ رُسوائي اُن جو مقدر بڻجي وئي، هميشہ جي لاءِ لعنت جو طوق اُن جي ڳِچيءَ ۾ پئجي ويو ۽ هو جهنّم جي دائمي (يعني هميشہ جي) عذاب جو حقدار ٿيو. اچو! تڪبّر جي آفت کان بچڻ جي لاءِ ان جي مذمّت تي ٽي (3) فرامينِ مصطفي صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم پڙهون ٿا:

1. جنهن جي دل ۾ رائي جي داڻي جيترو بہ ايمان هوندو، اهو جهنّم ۾ داخل نہ ٿيندو ۽ جنهن جي دل ۾ رائي جي داڻي جيترو تڪبّر هوندو اهو جنّت ۾ داخل نہ ٿيندو."

(صحيح مسلم، كتاب الايمان،باب تحريم الكبروبيانه،الحديث:١٤٨،ص٦١)

2. قيامت جي ڏينهن مغرورن کي انساني شڪلين ۾ ماڪوڙين وانگر اُٿاريو ويندو، هر پاسي کان انهن تي ذلت طاري هوندي، انهن کي جهنم جي "بُولس" نالي قيد خاني ڏانهن ڌِڪيو ويندو ۽ تمام وڏي باهہ انهن کي پنهنجي وَڪَڙ ۾ وٺي انهن تي غالب اچي ويندي، انهن کي "طِيْنَةُالْخَبَّال" يعني دوزخين جي پونءِ پياري ويندي." (مسند احمد ،٢/٥٩٦،حديث:٦٦٨٩)

3. جيڪو ماڻهو پنهنجو پاڻ کي وڏو سمجهندو آهي ۽ هلڻ مهل آڪڙ ڪندو آهي، اهو الله عَزَّوَجَلَّ سان ان حال ۾ ملندو جو الله عَزَّوَجَلَّ ان تي غضب فرمائيندو." (المستدرك ،كتاب الايمان، باب من يتعاظم في نفسه۔۔۔الخ،الحديث:٢٠٨،ج١،ص٢٣٥)

تُوْبُوْا اِلَى الله    اَسْتَغْفِرُ الله

www.dawateislami.net

گر تکبُّر ہو دِل میں ذرّہ بھر
سُن لو جنّت حرام ہوتی ہے
(وسائل بخشش مرمم، ص495)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اسان کي بہ تڪبُّر جي آفت کان بچندي عاجزي پيدا ڪرڻ گهرجي ڇوتہ عاجزي جون گهڻيون برڪتون آهن ❁عاجزي ڪرڻ واري جي لاءِ ملائڪ بلندي جي دعا ڪندا آهن ❁ عاجزي ڪرڻ واري جي لاءِ خوشخبري آهي ❁عاجزي ڪرڻ وارا قيامت جي ڏينهن منبرن تي ويٺل هوندا ❁الله عَزَّوَجَلَّ پنهنجي محبوب ٻانهن کي عاجزي جي دولت عطا فرمائيندو آهي ❁عاجزي ڪرڻ واري کي ستن آسمانن تائين بلندي عطا ڪئي ويندي آهي ❁عاجزي ڪرڻ واري تي الله عَزَّوَجَلَّ رحم فرمائيندو آهي. (احياء العلوم،٣/٩٩٩)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ جي زِندَگي جو مختصر تَعارُف

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اسان حضرت سَيدُنا عمر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْہُ جي نهايت ئي پياري وصف "عاجزي" جي باري ۾ ايمان افروز واقعو ٻڌو، پهرين مُحَرَّمُ الحَرَام تي سندن رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْہُ جو يومِ عُرس ملهايو ويو. اچو! اِنهيءَ مناسبت سان پاڻ رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْہُ جي مبارڪ سِيرَت جي باري ۾ ڪجهہ مدني گل ٻڌڻ جي سَعادَت حاصِل ڪيون ٿا. خليفہءِ دُوُم، جانَشينِ پيغمبر، حضرتِ سيدُنا عُمَر رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْہُ جي ڪنيت ''ابُوحَفص'' آهي. (مستدرڪ للحاڪم حديث ٥٠٤٢، ٤/٢٣٩) ۽ لقب ''فاروقِ اَعظم'' آهي، اهو لقب اوهان کي بارگاهِ رسالت مان عطا ٿيو. اُمُّ المؤمنين حضرت سيدتُنا عائشہ صِدِيقہ رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْہَا کان روايت آهي

فرمائن ٿيون: رَسُولُ الله صَلَّی اللہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم اَميرُ المؤمِنين حضرت سيدُنا عمر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنْہُ جو نالو (يعني لقب) ’’فارُوق‘‘ رکيو. (تهذيب الاسماء۲/۳۲۵) ۽ دَورِ جاهليت ۾ دَورِ اسلام ٻنهي ۾ پاڻ رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنْہُ جو نالو ’’عُمَر‘‘ ئي رهيو. (رِياضُ النُّضْرَة ، ۲۷۲/۱) ۽ ’’عمر‘‘ جي معني آهي آباد رکڻ وارو يا آباد ڪرڻ وارو. حضرت سيدُنا عمر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنْہُ جي سبب جيئن تہ اِسلام کي آباد ٿيڻو هو، ان ڪري الله عَزَّ وَ جَلَّ پهريان ئي سندن کي ’’عمر‘‘ نالو عطا فرمائي ڇڏيو. (مرآة المناجيح ، ۳۶۰/۸)

## فاروقِ اعظم رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنْہُ جي وِلادَت

مَٺا مَٺا اسلامي ڀائرو! حضرت سيدُنا عُمَر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنْہُ عامُ الفِيل جي 13 سال بعد مَڪّةُ المُڪرَّمَة ۾ پيدا ٿيا، ائين پاڻ رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنْہُ جي تاريخِ وِلادَت 583 عيسوي جيڪا هجرت کان تقريباً 41 سال پهريان آهي. پاڻ رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنْہُ سيدُنا صِدِيقِ اڪبر رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنْہُ کان عُمر ۾ تقريباً ساڍا ڏهہ سال ۽ رَسُوْلُ الله صَلَّی اللہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کان عُمر ۾ تقريباً تيرهن سال (13) ننڍا هئا.

(اُسْدُ الغَابَة۴/۱۵۷،ماخوذا)

## سرڪارِ مدينہ صَلَّی اللہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي مُبارڪ دُعا

الله عَزَّوَجَلَّ جي فضل و ڪرم ۽ خاتَمُ الْمُرْسَلِين،رَحْمَة لِّلْعٰلمِين صَلَّی اللہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي مُبارڪ دُعا جي برڪت سان اَميرُالمؤمنين حضرت سيدُنا عمر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنْہُ 39 مردن کان بعد اِعلانِ نُبُوَّت جي ڇهين (6) سال ۾ ايمان قبول ڪيو. (الرّيا ض النضرة۱/ ۲۸۵،طبقات ڪبريٰ ۳/ ۲۰۲) جيئن حديثِ مبارڪ ۾ آهي سرڪار صَلَّی اللہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن هن طرح دُعا فرمائي اَللّٰهُمَّ اَعِزَّ الْاِسْلَامَ بِعُمَر بْنِ الخَطَّابِ خَاصَّة: يعني اي الله عَزَّوَجَلَّ تون بالخصوص عمر بن خطّاب رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنْہُ جي ذريعي دِينِ اسلام کي

عزّت ۽ بُلندي نصيب فرماء. (ابن ماجه،۱/۷۷، حديث: ۱۰۵)

پاڻ رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنۡہُ جي اِسلام قبول ڪرڻ سان مُسَلمانن کي بي حد خُوشي ٿي ۽ انهن کي تمام وڏو سَهارو ملي ويو، ايستائين جو حُضُور رحمتِ عالَم صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مسلمانن سان گڏجي حَرَمِ مڪه ۾ اِعلانِيه نَماز اَدا فرمائي ۽ پاڻ رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنۡہُ سرورِ ڪائنات، شهنشاه موجودات صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي تمام اسلامي تَحريڪات، صُلح ۽ جنگ وغيره جي سمورن معاملن ۾ وزير ۽ مُشير جي حيثيت سان وَفادار رهيا. حضرتِ سيدُنا ابُوبڪرصِدِّيق رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنۡہُ پاڻ کان بعد حضرتِ سيدُنا فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنۡہُ کي خليفو مُنتَخَب فرمايو، پاڻ رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنۡہُ تقريباً ڏهه (10) سال ڇهه (6) مهينن تائين تختِ خِلافت تي رَونق اَفروز رهي جانَشينِ مصطفٰي صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سيني ذِمّيدارين کي نهايت سٺي طريقي سان سر اَنجام ڏنو. (تارِيخُ الْخُلَفاء، ص۱۰۸،ڪراماتِ فاروقِ اعظم ،ص٦)

## سَيدُنا عُمَر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ جي وفات

هڪ ڏينهن فَجر نماز ۾ هڪ بدبخت ابُولؤلؤ فيروز نالي غير مسلم اوهان تي خنجر سان وار ڪيو ۽ پاڻ رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنۡہُ زَخمن کي نه سهندي ٽئي ڏينهن شهادَت جي مرتبي تي فائز ٿيا. شهادت وقت سندن رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنۡہُ جي عُمر شريف 63 سال هئي. (الرِّيا ضُ النَّضْرة ۱/۴۰۸،۴۱۸)

صَلُّوا عَلَی الۡحَبِيب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ جي عاجزي ۽ انڪساري

مَٺا مَٺا اسلامي ڀائرو! اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي عَطا سان ڪنهن کي خِلافَت يا حڪومت جو منصب ملڻ تمام وڏي سَعادت آهي. ان مَنصَب جو حقيقي معنٰي ۾ حق اُنهيءَ وقت ادا ٿي سگهندو، جڏهن اهو حاڪم پنهنجي رِعايا سان عدل ۽ انصاف ڪري، ماڻهن جي حقن جي ادائيگي لاءِ هر وقت فڪر مند رهي ۽ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ ۽ اُن

جي حبيب صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي اطاعت ۽ عبادت ۾ ٻہ زندگي گذاريندو رهي، نہ تہ جيڪو حاڪم انهن ڪمن کان پاسو ڪندي اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي نافرماني وارن ڪمن جو مُرتڪب ٿيندو تہ ان جي دُنيا ۽ آخرت ۾ ذليل ۽ رُسوا ٿيڻ جو خوف آهي. عام طور جڏهن ڪنهن کي ڪو وڏو عُهدو ملندو آهي تہ اهو شڪرِ الٰهي ادا ڪرڻ ۽ ان مَنصب جي تقاضن کي پورو ڪرڻ جي بدران، طرح طرح جي باطني مرضن مثال طور تڪبُّر، خودپسندي ۽ حُبِّ جاه وغيره گناهن ۾ مبُتلا ٿي ويندو آهي ۽ ڪڏهن ڪڏهن سرڪشي ۾ ايتري حد تائين وڌي ويندو آهي جو ماڻهن جا حق تلف ڪرڻ، اُنهن کي ظلم وستم جو نشانو بنائڻ، پنهنجي منصب مان ناجائز فائدو کڻندي قتل ۽ غارت گري جو بازار گرم ڪرڻ، ان جي نظر ۾ جڻ ڪا بُرائي ئي ناهي هوندي ۽ اهڙن گناهن ڀري حالتن ۾ عاجزي ۽ انڪساري ۽ حِلم وبُردباري پيدا ٿيڻ نهايت مشڪل آهي. ها دُنيا ۾ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جا نيڪ ٻانها اهڙا بہ گذريا آهن جيڪي وڏي ڪان وڏو عُهدو ملڻ جي باوُجُود بہ عاجزي ۽ انڪساري ۽ سادگي کي اپنائي رکيو. اچو! ان حوالي سان حضرتِ سيدُنا عُمَر فاروقِ اعظمرَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْهُ جي عاجزي ۽ نِوڙت سان مالا مال چار(4) مدني گل ٻڌون ٿا، جيئن تہ

1. حضرت سيدُنا سعيد بن مُسَيب رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْهُ فرمائن ٿا: اَميرُ المؤمنين حضرت سيدُنا عُمر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْهُ جڏهن شهر کان ٻاهر ڪٿي سفر وغيره تي ويندا هئا تہ راهہ ۾ اِستِرَاحَت (يعني آرام) جي لاءِ مٽي جو ڍير لڳائي ان تي ڪپڙو وڇائي ۽ پوءِ آرام ڪندا هئا. (مصنف ابن ابي شيبه،حديث۸،۱۵۰/۲۱)
2. حضرت سيدُنا ذر رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْهُ فرمائن ٿا: مان عيد جي ڏينهن مديني جي ڪجهہ ماڻهن سان گڏ (نمازِ عيد جي لاءِ) نڪتس تہ مون رستي تي امير المؤمنين حضرت سيدُنا عمر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْهُ کي ڏٺو تہ پاڻ رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْهُ (نمازِ عيد جي لاءِ) پيرين اگهاڙي ئي وڃي رهيا هئا.(مُسْتَدْرَک لِلحاکم ،حديث۴۵۳۵، ۳۲/۴)

3. حضرتِ سيدُنا حَسَن بَصَري رَحۡمَةُ الله تَعَالٰي عَلَيه فرمائن ٿا: حضرتِ سيدُناعُمَر بِن خَطّاب رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡهُ ڪڏهن ڪڏهن باهه جي ويجهو هٿ ڪٽي ويندا پوءِ پنهنجي پاڻ کان سُوال ڪندا هئا: اي خَطّاب جا پٽ! ڇا تو ۾ اها باهه برداشت ڪرڻ جي سگهه آهي؟ (مناقب عمر بن الخطاب ، ص۱۵۴)

4. پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡهُ جي باري ۾ اهو به منقول آهي ته پاڻ مَدِيۡنَة الۡمُنَوَّرَه جي ننڍن يعني نابالغ ٻارن کان پنهنجي لاءِ ائين دُعا ڪرائيندا هئا ته: اي ٻارو دُعا ڪيو! عمر بخشجي وڃي. (فضائلِ دُعا،ص۱۱۲)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اميرُالمؤ منين فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡهُ جي عاجزي ۽ اِنڪساري جو عالم ته ڏسو ته عيد جي ڏينهن به پيرين اگهاڙي عيد گاهه ڏانهن وڃي رهيا آهن، ڪڏهن ته سفر جي دوران مٽي جي ڍير کي ويهاڻو ناهي ان تي آرام فرمائي رهيا آهن ۽ قطعي جنّتي هئڻ جي باوُجُود ڪڏهن عذابِ الٰهي کان ڊڄندي ٻارن کان پنهنجي بخشش ۽ مغفرت جي لاءِ دُعا ڪرائي رهيا آهن. يقيناً جيڪو الله عَزَّوَجَلَّ جي لاءِ عاجزي ڪندو آهي ته الله عَزَّوَجَلَّ ان کي بلند ۽ اعليٰ مرتبو عطا ڪندو آهي جيئن ته فرمانِ مصطفي صَلَّي اللّٰهُ تَعَالٰي عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ آهي: ”جيڪو پنهنجي مسلمان ڀاءُ جي لاءِ تواضُع اختيار ڪندو آهي الله عَزَّوَجَلَّ ان کي بُلندي عطا ڪندو آهي ۽ جيڪو مسلمان ڀاءُ تي بلندي چاهيندو آهي الله عَزَّوَجَلَّ ان کي پستي ۾ وجهندو آهي. (معجم الاوسط، من اسمه محمد، ۵/۳۹۰، الحديث: ۷۷۱۱)

## موزا لاهي ڪلهي تي رکي ورتا!

الله عَزَّوَجَلَّ اميرالمومنين فاروقِ اَعظَم رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡهُ کي عاجزي ۽ انڪساري جهڙي صفت جي ڪري نهايت بُلند مقام ۽ مرتبو عطا فرمايو، پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡهُ الله عَزَّوَجَلَّ جي طرفان ملڻ واري هن عزّت ۽ مرتبي کان علاوه ماڻهن طرفان ملندڙ عزّت ۽ شهرت جا بلڪل خواهش مند نه هئا، جيئن ته هڪ ڀيري پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡهُ

www.dawateislami.net

ملڪ شام ڏانهن تشريف ڪٽي ويا تہ حضرت سَيدُنا ابُوعبيده رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْہُ بہ پاڻ سان گڏ هئا ايستائين جو پاڻ رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْہُ هڪ اهڙي هنڌ تي پهتا، جتي گوڏن تائين پاڻي هو، پاڻ پنهنجي اُٺڙي تي سوار هئا، اُٺڙي تان لٿا ۽ پنهنجا جورابا لاهي پنهنجي ڪلهي تي رکي ورتا، پوءِ اُٺڙي جي لغام پڪڙي پاڻي ۾ داخل ٿيا تہ حضرت ابُوعبيده رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْہُ عرض ڪيو: اي اميرُالمؤمنين! رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْہُ اوهان جيڪو اهو ڪم ڪري رهيا آهيو، مون کي اهو پسند ناهي تہ هتي جا ماڻهو اوهان کي نظر ڪٽي نهارين. حضرت عُمر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْہُ ارشاد فرمايو: ''افسوس! اي اَبُوعُبيده! جيڪڏهن اها ڳالهہ اوهان کان علاوه ڪو ٻيو ڪري ها تہ مان ان کي اُمّتِ محمدي جي لاءِ عبرت بڻايان ها، اسان هڪ غريب قوم هئاسين، پوءِ اللّٰه تعاليٰ اسان کي اسلام جي ذريعي عزّت عطا فرمائي، جڏهن بہ اسان اللّٰه تعاليٰ جي عطا ڪيل عزّت کان عِلاوه (ڪنهن ڪان) عزّت حاصِل ڪرڻ چاهينداسين تہ اللّٰه تعاليٰ اسان کي رُسوا ڪري ڇڏيندو.

(الزواجر عن اقتراف الکبائر، الباب الاول في الکبائر الباطنة۔۔۔ الخ، ۱/۱٦۱)

تُو عطا حِلم کی بھیک کر دے  میرے اَخلاق بھی ٹھیک کر دے
تجھ کو فاروق کا واسطہ ہے  یا خدا تجھ سے میری دُعا ہے

(وسائلِ بخشش، ص138)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب!  صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اميرُالمُؤمنين حضرت سَيدُنا فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْہُ جي عاجزي ۽ اِنڪساري تہ ڏسو جو وقت جو حاڪم ٿي بہ جڻ ان ڳالهہ کي ناپسند ڪري رهيا آهن تہ ماڻهو مون کي منهنجي منصب جي ڪري عزّت (Protocol) ڏين، مون کي تہ بس اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي طرفان ملڻ واري عزّت ئي ڪافي آهي ۽ ٻيو اسان آهيون جو هر مُعاملي ۾ پنهنجي عزّت ۽ شُهرت ۽ پنهنجي

واه واه چاهيون ٿا، ڪڏهن ڪڏهن اها خواهش به جوش ڏيندي آهي ته جيڪڏهن اميرن ۽ صاحبِ مَنصب حضرات ۾ به شهرت ملي وڃي ته داد ۽ تحسين سان گڏوگڏ گهڻا انعامات به حاصِل ٿي ويندا! الله عَزَّوَجَلَّ سيپاري 4سوره آلِ عمران آيت نمبر188 ۾ ارشاد فرمائي ٿو:

| | | |
|---|---|---|
| لَا تَحْسَبَنَّ الَّذِيْنَ يَفْرَحُوْنَ بِمَآ اَتَوْا وَّ يُحِبُّوْنَ اَنْ يُّحْمَدُوْا بِمَا لَمْ يَفْعَلُوْا فَلَا تَحْسَبَنَّهُمْ بِمَفَازَةٍ مِّنَ الْعَذَابِ ۚ وَلَهُمْ عَذَابٌ اَلِيْمٌ ﴿۱۸۸﴾ | | **ترجموڪنز الايمان:** هرگِز اُنهن کي نہ ڀانءِ جيڪِي پنهنجي ڪَئي تي خوش ٿِين ٿا ۽ گُهرن ٿا تہ بِنا ڪم جي اُنهن جِي تعرِيف ٿئي اِهڙن کي عذاب کان هرگِز پري نہ ڄاڻندا ۽ اُنهن لاءِ دردناڪ عذاب آهي. |

مڪتبة المدينہ جي شايع ٿيل تفسير صِراطُ الجنان جلد 2 صفحي 117 تي آهي: هن آيت ۾ خُود پسندي ڪرڻ وارن جي لاءِ وعيد آهي ۽ انهن جي لاءِ جيڪي حُبِّ جاه يعني عزّت، واکاڻ، شهرت حاصل ڪرڻ جي تمنّا ۾ مبُتلا آهن. جڏهن ڪنهن شخص جي دل ۾ اها آرزُو پيدا ٿيڻ لڳي تہ ماڻهو ان جا شيدائي ٿين، هر زبان انهن جي واکاڻ ڪري، سڀ منهنجي ڪمال جو اعتراف ڪن، مون کي هر جڳهہ عزّت کان نوازيو وڃي، عالِم نہ آهيان پوءِ بہ علاّمہ صاحب چيو وڃي، ملڪ ۽ قوم جي ڪا خدمت نہ ڪئي پوءِ بہ مِعمارِ قوم چيو وڃي، نجات ڏيندڙ سمجهيو وڃي، محسنِ قوم قرار ڏنو وڃي، منهنجو تعارف بهترين لقبن سان ٿئي، مُلاقات پُرتپاڪ انداز ۾ ڪئي وڃي، سلام جُهڪي ڪيو وڃي تہ ان کي گهرجي تہ پنهنجي دل تي غور ڪري وني تہ ڪٿي اها حُبِّ جاه جي شڪار تہ نہ ٿي چڪي آهي، جيڪڏهن ائين هجي تہ ان آيت مان سبق حاصل ڪندي تمام جلدي ان کان ڇوٽڪاري جي ڪوشش ڪري. ياد رکو! خُود پسندي ۽ حُبِّ جاه جي مرض ۾ مبُتلا شخص اُخروي انعامات کان محروميءَ جو شڪار ٿيندو آهي ۽ دل ۾ مُنافَقت جي زيادتي، قلبي نُورانيت کان محرومي، دين جي خرابي ۾ مبُتلا ٿي ويندي آهي ۽ بُرائي کان منع ڪرڻ

۾ نيڪي جي دعوت ڏيڻ کان محرومي، ذِلّت ۾ رُسوائي جو مقدر ٿيڻ، اُخروي لَذت کان محرومي، قلبي سُڪون جي بربادي ۾ دولتِ اِخلاص کان محرومي جهڙن نُقصانن کي منهن ڏيڻو پئجي سگهي ٿو، ان ڪري ان کي گهرجي تہ دنيا جي بي ثباتي، تعريف پسندي جي مذمت، مَنصَب ۾ مرتبي جي حوالي سان اُخروي مُعاملن ۾ بُزرگانِ دِين جي احوال ۾ اَقوال جو تمام گهڻو مُطالعو ڪري تہ جيئن هنن مذموم مرضن کان نجات جي ڪا صورت ٿئي.

اچو! خُودپسندي ۾ حُبِّ جاه کان بچڻ جي لاءِ ٽي (3) فرامينِ مُصطفٰي صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم پڙون ٿا:

1. ”جيڪو شهرت طلب ڪندو (قيامت جي ڏينهن) ان جي عيبن جي تشهير ٿيندي ۾ جيڪو شخص ماڻهن کي ڏيکارڻ جي لاءِ عمل ڪندو اللّٰه تعاليٰ ان کي ان جو بدلو ڏيندو. (بخاري، ڪتاب الرقاق، باب الرياء والسمعة، ۴/۲۴۷، الحديث: ٦٤٩٩)

2. ”بہ بکايل بگهڙ ٻڪرين جي ڌڻ ۾ ڇڏيا وڃن تہ اهي ايترو نُقصان نٿا ڪن جيترو مال ۾ مرتبي جو حرص ڪرڻ وارو پنهنجي دِين جي لاءِ نُقصان دِه آهي. (ترمذي،۴/١٦٦، الحديث: ٢٣٨٣)

3. ”جيڪڏهن خُود پسندي انساني شڪل ۾ هجي ها تہ اها سڀ کان بد صُورت انسان هجي ها. (الفردوس بماثور الخطاب، باب اللام، ۲/۱۹۳، الحديث: ۵۰٦۴)

4. صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اسان اميرُ المؤمنين حضرت سيدُنا عمر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنۡہُ جي عاجزي ۾ انڪساري جي باري ۾ ٻڌي رهيا آهيون. پاڻ رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنۡہُ کي مسلمانن جي پهرين خليفي حضرت سيدُنا ابُوبڪر صديق رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنۡہُ کان پوءِ سيني کان افضل ۾ بهتر هئڻ جي بارگاهِ رسالت مان سند عطا ٿي، پر پاڻ رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنۡہُ ڪڏهن فخريہ انداز اختيار نہ ڪيو ۾ نہ ئي ڪنهن مسلمان کي حقير سمجهيو، بلڪ پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ ٻين مسلمانن کي پاڻ کان بهتر سمجهندا هئا. جيئن

حضرت سيدُنا ابُو رافع رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنۡہُ کان روايت آهي، فرمائن ٿا تہ هڪ ڀيري امير المؤمنين حضرت سيدُناعمر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنۡہُ منهنجي ويجهو کان گذريا تہ مان قرآنِ پاڪ جي خُوبصورت لهجي ۾ تلاوت ڪري رهيو هئس، پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ ٻڌي ارشاد فرمايو: يَا اَبَا رَافِعْ! لَاَنْتَ خَيْرٌ مِّنْ عُمَرَ تُؤَدِّیْ حَقَّ اللهِ وَحَقَّ مَوَالِيْكَ يعني اي ابُو رافع! يقيناً توهان عمر کان بهتر آهيو تہ توهان اللّٰہ عَزَّ وَجَلَّ جا حق ۽ پنهنجي آقا جا حق چڱي طرح ادا ڪيو ٿا.“

( شعب الايمان للبيهقي، باب في حق السادة علي المماليد، ج٦، ص٣٨٦، حديث:٨٦١٣)

## عاجزي ڇا کي چئبو آهي:

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اميرالمومنين فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنۡہُ جي عاجزي ۽ انکساري تي قُربان وڃجي جو اُمَّتِ محبوب ۾ صدّيقِ اکبر کان بعد سڀ کان افضل آهن، قطعي جنّتي آهن ۽ وقت جا حاڪم آهن پوءِ بہ ٻين کي پاڻ کان بهتر سمجهن ٿا. عاجزي جي وصف بہ اها آهي تہ **پاڻ کي خوبين ۾ ٻين کان ڪم تَر ۽ خامين ۾ بَرتر سمجهي.** ( فيض القدير ١/٥٥٩ماخوذا )

حضرت سيدُنا حَسَن رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنۡہُ فرمائن ٿا:"تواضُع (عاجزي) اها آهي تہ جڏهن توهان پنهنجي گهران نڪرو تہ جنهن مسلمان سان بہ مِلو، اُن کي پنهنجي پاڻ کان افضل سمجهو." (الزواجر عن اقتراف الکبائر،ج١،ص١٦٣)

میں سب سے بُرا ہوں نگاہِ کرم ہو　مگر آپ کا ہُوں نگاہِ کرم ہو

## خوش بختي جي هڪ نشاني

حضرت علامہ ابنِ جوزي رَحۡمَۃُ اللّٰہ تَعَالٰي عَلَيۡه فرمائن ٿا:”انسان جي خُوش بختي جي هڪ نشاني اها بہ آهي تہ اهو پنهنجي نفس کان عاجزي ۽ پنهنجي تمام اَفعال ۽ اَقوال ۾ ڪوتاهي جو اقرار ڪرائي.“(بحرالدموع، ص٢٠٠) اميرالمؤمنين حضرت سيدُنا عمر فاروقِ اعظمرَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنۡہُ بہ پنهنجي نفس کان عاجزي جو

اقرار ڪرائيندا هئا. جيئن

حضرت سيدُنا ابنِ مالڪ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُ کان روايت آهي، فرمائن ٿا: تہ هڪ ڏينهن اَمِيرُالمُؤمنين حضرت سيدُنا عُمر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُ ٻاهر نڪتا تہ مان بہ سندن پويان پويان هلڻ لڳس، چا تہ ڏسان تہ پاڻ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُ هڪ باغ ۾ داخل ٿيا. منهنجي ۽ انهن جي وچ ۾ هڪ ديوار هئي، مون ٻڌو، پاڻ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُ پنهنجي پاڻ کي مخاطب ڪري عاجزي طور ارشاد فرمائي رهيا هئا: ''اي مسلمانن جا امير! اللهعَزَّ وَجَلَّ کان ڊڄندا رهو نہ تہ الله عَزَّ وَجَلَّ جو قسم! اهو توهان کي ضَرور عذاب ۾ مبُتلا ڪندو.'' (موطا امام مالڪ، باب ما جاء في التقي، ڪتاب الڪلام، ج٢، ص٤٦٩، حديث:١٩١٨)

## نفس کي ذليل ڪرڻ جو عزم:

حضرت سيدُناعبدُالله بن عُمر بن حفص رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُفرمائن ٿا تہ هڪ ڀيري اميرُالمؤمنين حضرت سيدُنا عُمَر فارُوقِ اَعظَم رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُ پنهنجي پُٺيءَ تي مشڪيزو کنئيو. اصحابن کي عرض ڪيو ويو تہ حُضُور اوهان نہ کڻو، ارشاد فرمايائون: ''منهنجي نفس مون کي عُجب پسندي (يعني پنهنجي پاڻ کي وڏو سمجهڻ) ۾ مبُتلا ڪيو تہ مون ان کي ذليل ڪرڻ جو ارادو ڪيو آهي.''
(تاريخِ اسلام، ٢٤٠/٣)

## ڪتاب ''فيضانِ فاروقِ اعظم رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُ'' جو تَعارُف

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اميرالمؤمنين حضرت سيدُنا عُمر فارُوقِ اعظم رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُ جيڪي باطني بيمارين ۽ ٻين بُرين صفتن کان پاڻ پاڪ هئا پر اسان کي تڪبُّر ۽ خود پسندي جو علاج ٻڌائيندي پنهنجي عمل ذريعي جڻ ارشاد فرمائي رهيا آهن تہ نفس کي انهن آفتن کان بچائڻ جي لاءِ پنهنجو ڪم پاڻ ڪرڻ گهرجي. پاڻ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُ جي انهيء عاجزي ۽ اِنڪساري جي سبب الله عَزَّوَجَلَّ پاڻ کي اها عزّت، مقام ۽ مرتبو عطا فرمايو جو اڄ تائين سموري ڪائنات ۾ پاڻ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُ جي تذڪري جي ڌوم متل آهي قيامت تائين تمام مسلمان

پاڻ رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنْہُ جي بهترين وصفن کي بيان ڪرڻ سان گڏوگڏ عمل به ڪندا رهندا. اِنْ شَآءَ اللہ عَزَّوَجَلَّ

اَلْحَمْدُلِلّٰہ عَزَّوَجَلَّ دعوتِ اسلامي جي اشاعتي اِداري مکتبة المدينه سَيدُنا فاروقِ اعظم رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنْہُ جي سيرتِ مُبارڪ جي حوالي سان ٻن (2) جلدن تي مُشتمل ڪتاب ”فيضانِ فاروقِ اعظم“ شايع ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪئي آهي.

اَلْحَمْدُلِلّٰہ عَزَّوَجَلَّ هن ڪتاب ۾ اسلامي قانون جي مُطابق زندگي گذارڻ جي باري ۾ اهم معلومات کي آسان انداز ۾ بيان ڪيو ويو آهي. ان ڪتاب ۾ عدل ۽ انصاف ڪرڻ ۽ عام ماڻهن جا حق ادا ڪرڻ جا طريقا به موجود آهن، تنهنڪري اج ئي هن ڪتاب کي مکتبة المدينه جي بستي تان هَدِيَةً طلب فرمايو، پاڻ به ان جو مُطالعو ڪيو ۽ ٻين کي به ترغيب ڏياريو. دعوتِ اسلامي جي ويب سائٽ www.dawateislami.net تان هن ڪتاب کي رِيڊ (يعني پڙهي) به سگهجي ٿو، ڊاؤن لوڊ (Download) ۽ پرنٽ آؤٽ (Print Out) به ڪري سگهجي ٿو.

دعوتِ اسلامی کی قیُّوم اِک اِک گھر میں مچ جائے دُھوم
اس پہ فدا ہو بچہ بچہ یا اللہ! مری جھولی بھر دے۔
(وسائلِ بخشش مرمم، ص ۱۲۳)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اسان اميرالمومنين سَيدُنا فاروقِ اعظم رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنْہُ جي عاجزي واري پاڪيزه صفت جي باري ۾ ٻڌو ۽ ضمناً تڪبُّر جهڙي باطني بيماري جو به ذڪر آيو. ياد رکو! تڪبُّر اهڙي خطرناڪ باطني بيماري آهي جو جيڪڏهن هڪدم ان جو علاج نه ڪيو وڃي ته وڌندي وڌندي ان سان ٻيون ڪيئي بيماريون پيدا ٿينديون آهن. ان ڪري جهڙي طرح اسان جسماني بيمارين جو ٻڌي نه صرف پريشان ٿي ويندا آهيون بلڪ ان جو علاج به شروع ڪندا

آهيون اهڙي طرح اتي بہ عقلمندي جو ثبوت ڏيندي تڪبُّر جو علم ٿيڻ کان بعد ان جو علاج فوراً شروع ڪرڻ گهرجي، ڇوتہ جيڪو ان بيماري ۾ مبُتلا ٿيندو آهي اهو مسلمان جي دل آزاري، ڪوڙ، غيبت، چغلي، حسد وغيره مُهلڪ (يعني هلاڪ ڪرڻ وارين) بيمارين جو شڪار ٿي سگهي ٿو. اچو! تڪبُّر جي آفت کان پيڇو ڇڏائڻ ۽ عاجزي اَپنائڻ جا ڪجھ طريقا ٻُڌون ٿا.

## (1) مدني ماحول اپنائي وٺو

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! عاجزي ۽ انڪساري ۽ ٻيون نيڪ عادتون اپنائڻ جي لاءِ دعوتِ اسلامي جو مدني ماحول اپنائي وٺو. اَلۡحَمۡدُلِلّٰہ عَزَّوَجَلَّ! "دعوتِ اسلامي" لکين مسلمانن خاص طور تي نوجوان اسلامي ڀائرن ۽ ڀينرن جي زندگين ۾ مدني انقلاب برپا ڪري ڇڏيو، ڪيترائي بگڙيل نوجوان توبھ ڪري سِڌي راھ تي اچي ويا، ماءُ پيءُ سان بُرو رويو اختيار ڪرڻ وارا با ادب ٿي ويا، ڪفر جي اونداهين ۾ ڀٽڪڻ وارن کي اسلام جو نور نصيب ٿيو، يورپي ملڪن جي رنگينين کي ڏسڻ جا خواهشمند ڪعبۃُ الۡمُشَرَّفہ ۽ گنبذِ خضرٰي جي زيارت جي لاءِ بيقرار رهڻ لڳا، دنيا جي فضول غمن ۾ ڳرڻ وارا فڪرِ آخرت جي مدني سوچ رکڻ وارا بڻجي ويا، بي حيائي وارا رسالا ۽ واهيات ڊائجسٽن جا شوقين اهلسنت جي عالمن دامَتۡ فُيُوۡضُہُم جي رسالن ۽ ٻين ديني ڪتابن جو مطالعو ڪرڻ لڳا، تفريح خاطر گناهن ڀري سفر جا عادي مدني قافلن ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ راهِ خدا ۾ سفر ڪرڻ وارا بڻجي ويا ۽ بي نمازي نہ صرف نمازي بلڪ نمازون پڙهائڻ وارا (يعني مسجد جا امام) بڻجي ويا، ۽ ڪثير اسلامي ڀائر فجر نماز جي لاءِ مسلمانن کي جڳائڻ (صداء مدينہ) لڳائڻ وارا بڻجي ويا. صداءِ مدينہ لڳائڻ ذيلي حلقي جي 12مدني ڪمن مان روزانو جو هڪ مدني ڪم ۽ سنّتِ فارُوقِ اعظم بہ آهي.

منقول آهي تہ امير المؤمنين حضرت سيدُنا عمر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُ

جي اها مبارڪ عادت هئي تہ جڏهن فجر نماز جي لاءِ پنهنجي گهران ايندا هئا تہ راهہ ۾ ماڻهن کي نماز جي لاءِ جڳائيندي ايندا هئا ۽ فجر جي اذان کان فوراً بعد جيڪڏهن مسجد ۾ ڪو ستل هوندو هو تہ ان کي بہ جڳائيندا هئا.
(طبقات ڪبري ،ذکر استخلاف عمر،ج٣ ،ص ٢٦٣)

اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ! دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان وابستہ سوين اسلامي ڀائر روزانو مسلمانن کي نمازِ فجر جي لاءِ جڳائيندا آهن ۽ نيڪيون ڪمائيندا آهن.اچو ان باري ۾ هڪ مدني بهار ٻڌون ٿا، جيئن

## سرڪار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي بارگاهہ مان بُلاوُ آيو

ضلع قصور پنجاب، پاڪستان جي مقيم اسلامي ڀاءُ جي بيان جو خلاصو آهي: اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ مان دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان وابستہ تہ هئس، پر مدني ڪمن ۾ سُستي جو شڪار هئس.حُسنِ اتفاق سان مُحرَّمُ الحَرام 1431 ھ بمطابق جنوري 2010 ء تي دعوتِ اسلامي جي ڊويزن مُشاورت جي ذميدار اسلامي ڀاءُ سان مُلاقات جو شرف حاصل ٿيو، جڏهن انهن کي منهنجي مدني ڪمن ۾ عدم دلچسپي جي خبر پئي تہ انفرادي ڪوشش ڪندي نہ صرف مدني ڪم ڪرڻ جو ذهن ڏنو بلڪ صداءِ مدينہ جي پابندي ڪرڻ جي ترغيب بہ ڏياري، ۽ ان باري ۾ اُنهن مون کي شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جو فرمان '' صدائے مدينہ دکھائے مدينہ'' بہ ٻڌايو. اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ منهنجو ذِهن ٺهجي ويو ۽ مديني جي حاضريءَ جي اُميد تي ٻئي ڏينهن کان مون ان تي عمل ڪرڻ شروع ڪري ڇڏيو. صداءِ مدينہ جا لڳائڻ شروع ڪيو مون تي تہ الله عَزَّوَجَلَّ ۽ ان جي رسول صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو ڪرم ٿي ويو. منهنجا ڀاڳ کلي پيا، قسمت جو ستارو ائين چمڪيو جو مون کي انهيءَ سال بارگاهِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي حاضري جو شرف حاصل ٿيو. وڏيڪ ڪرم اهو جو صداءِ مدينہ

جي برڪت سان منهنجي وڏي ڀاءُ کي بہ حج جي سعادت نصيب ٿي، حج دوران شيخِ طريقت، اميرِاهلسنّت دَامَتْ بَرَکَاتُھُمُ الْعَالِیَہ سان بيعت ٿيڻ جو شرف بہ مليو ويو. شايد اها مديني شريف جي حاضري ۽ هڪ ولي ڪامل سان بيعت جي برڪت هئي جو منهنجو ڀاءُ جيڪو پهريان نمازن ۾ سُستيءَ جو شڪار هو، پر هاڻي تمام گناهن کان توبهہ ڪري نيڪين ڏانهن مائل ٿيڻ لڳو. باجماعت نماز جو اِهتمام ڪرڻ لڳو. ڏاڙهي شريف جي بہ نيت ڪري ورتي. حج تان واپسي جي ڪم وبيش ٻن مهينن کان بعد جڏهن هڪ عزيز جي شادي ۾ شريڪ هئا، ڄڃ اچڻ واري ئي هئي پر جيئن ئي نماز جو وقت ٿيو تہ سيني کي بآوازِ بلند نماز جي دعوت ڏني ۽ مسجد ڏانهن هلڻ لڳا. جڏهن وضو جي لاءِ وضو خاني تي پهتا تہ اوچتو دل جو دورو پوڻ سبب ڪِري پيا. نمازين اڳتي وڌي ڪنئيو ۽ مسجد ۾ ليٽائي ڇڏيو. مسجد ۾ ليٽائيندي ئي سندن رُوح قفسِ عنصري مان پرواز ڪري ويو. اتي موجود سڀ ماڻهو ادي سائين جي ان ايمان افروز وفات تي افسوس سان گڏ رشڪ ڪرڻ لڳا.

لگا فجر میں بھائی گھر گھر میں جا کر
ذرا دِل لگا کر "صدائے مدینہ"

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## (2) ﭘﮩﺮﻳﻮن سلام ڪرڻ گهرجي

منا منا اسلامي ڀائرو! اسان تڪبُّر جي آفت کان پيڇو ڇڏائڻ ۽ عاجزي اَپنائڻ جا ڪجهه طريقا ٻڌي رهيا هئاسين، عاجزي ۽ انڪساري پيدا ڪرڻ جو هڪ طريقو اهو بہ آهي تہ امير هجي يا غريب، وڏو هجي يا ننڍو هر مسلمان کي سلام ۾ اڳرائي ڪريو.اسان جا مدني آقا صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم تہ ٻارن کي بہ سلام ۾ اڳرائي فرمائيندا هئا. حضرت سيدنا انس رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ ڪجهه ڇوڪرن وٽان

گذريا تہ انهن کي سلام ڪيائون، پوءِ فرمايائون: ”رسول الله صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم بہ ائين ئي ڪندا هئا.“ (صحيح البخاري ،ڪتاب الاستئذان،باب التسليم علي الصبيان، الحديث۶۲۴۷، ج۴،ص۱۷۰)

تری سادگی پہ لاکھوں، تری عاجزی پہ لاکھوں
ہوں سلامِ عاجزانہ مدنی مدینے والے
(وسائلِ بخشش مرمم، ص426)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

اَلْحَمْدُلِلّٰہ عَزَّوَجَلَّ شيخ طريقت، اميرِ اهلسنت، باني دعوتِ اسلامي حضرت علامہ مولانا ابُو بلال محمد الياس عطارقادري رضوي ضيائيدَامَتْ بَرَکَاتُہُمُ الْعَالِیَہ سلام کي عام ڪرڻ جي لاءِ اسان کي هڪ مدني انعام بہ عطا فرمايو آهي، جيئن مدني انعام نمبر6 ۾ فرمائن ٿا تہ ”ڇا اڄ اوهان گهر، دفتر، بس، ٽرين وغيره ۾ ايندي ويندي ۽ گهٽين مان گذرندي راهہ ۾ بيٺل يا ويٺل مسلمانن کي سلام ڪيو؟“ تنهنڪري سنئين سنئين نيٽن سان مسلمانن کي سلام ڪرڻ جي ڀرپور عادت بڻايو، اِنْ شَآءَ الله عَزَّوَجَلَّ مدني انعام تي عمل سان گڏوگڏ ان جون خوب برڪتون بہ نصيب ٿينديون.

## (3) پنهنجو ڪم پاڻ ڪيو!

عاجزي پيداڪرڻ جو هڪ طريقو اهو بہ آهي تہ پنهنجو سامان پاڻ کڻو ۽ جيڪڏهن ڪو عذر نہ هجي تہ گهر جو ڪم ڪرڻ جي بہ عادت بڻايو، فرمانِ مصطفي صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم آهي: ”جنهن پنهنجو سامان پاڻ کڻي ورتو اهو تڪبُّر کان آزاد ٿي ويو.“ (شعب الايمان، باب في حسن الخلق، فصل في التواضع، الحديث: ۸۲۰۱،ج۶،ص۲۹۲)

پيارا آقاصَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم پاڻ بہ پنهنجي گهر جي ڪم ڪار ۾ مشغول رهندا هئا"(بخاري،ج۱،ص۲۴۱) انهيءَ سنت تي عمل ڪندي صدرُالشَّريعہ،بدرُالطَّريقہ مفتي

www.dawateislami.net

محمد امجد علي اعظمي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰي عَلَيه گهر جي ڪم ڪار ڪان عار (شرم) محسوس نہ ڪندا هئا، گهر ۾ پاڄيون ڇهليندا، ڪٽيندا ۽ ٻيا ڪم بہ ڪندا هئا.
(ماهنامه اشرفيه،صدر الشريعه نمبر،ص۵۴)

الله عَزَّوَجَلَّ اسان کي بہ گهر جو ڪم پاڻ ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي.

## (4)هنن عملن کي اختيار ڪيو!

اهڙا عمل اختيار ڪيو، جيڪي تڪبُّر کي ختم ڪرڻ وارا آهن، غريب ۽ نيڪ مسلمانن جي صُحبت ۾ ويهو، اِنْ شَآءَ الله عَزَّوَجَلَّ ان سان بہ تڪبّر ختم ٿيندو، عاجزي پيدا ٿيندي.

## ٻڪري جي کَل تي ويهڻ جي برڪت

دعوتِ اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينہ جي شايع ٿيل 1250 صفحن تي مشتمل ڪتاب ”بهارِ شريعت“ جلد اول حصو 2 صفحي 403 تي آهي: ”ٻڪري ۽ گهٽي جي (دباغت ٿيل يعني مخصوص طريقي سان خشڪ ڪيل) کل تي ويهڻ ۽ پائڻ سان طبيعت ۾ نرمي ۽ انڪساري پيدا ٿيندي آهي.“ (بهارشريعت،جلد اوّل، ص۴۰۳، بتغير) اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ شيخ طريقت امير اهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه پنهنجي ويهڻ جي جڳهہ تي عام طور تي ٻڪري جي (خشڪ ٿيل) کل وڇائڻ جو اهتمام فرمائيندا آهن بلڪ بيان جي دوران بہ اڪثر پاڻ دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي ويهڻ جي جڳهہ تي ٻڪري جي کل وڇايل هوندي آهي. اوهان بہ ڪوشش ڪري پنهنجي ويهڻ جي جڳهہ تي ٻڪري يا گهٽي جي (خشڪ ٿيل) کل وڇائي ويهو ۽ انهن جي برڪتن جو اکين ڏٺو نظارو ڪريو.

## (5)صدقو ڏيو!

صدقو ۽ خيرات ڪرڻ بہ اهڙو عمل آهي جيڪو عاجزي پيدا ڪندو ۽ تڪبُّر کي ختم ڪندو آهي. فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آهي: "مسلمان جو صدقو عمر ۾ اضافي جو سبب ۽ بُري موت کان بچائي ٿو ۽ الله تعاليٰ ان جي سبب

تڪبُّر ۽ فخر ڪي دور فرمائي ڇڏي ٿو.“ (مجمع الزوائد ،كتاب الزكاة، باب فضل الصدقة، رقم ٤٦٠٩،ج ٣، ص ٢٨٤) ان ڪري پنهنجا صدقات، زڪوٰة، خيرات دعوتِ اسلامي کي ڏئي مدني ڪمن ۾ مُعاوِن بڻجو.

## (6) حق ڳالهه تسليم ڪري وٺو

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! عاجزي پيدا ڪرڻ وارن ڪمن مان هڪ اهو به آهي ته جيڪڏهن ڪير به اسان جي ڪنهن غلطي جي خبر ڏئي ته جلدي پنهنجي غلطي مڃڻ گهرجي، چاهي هو عمر، تجربي ۽ رُتبي ۾ اوهان کان گهٽ ئي ڇو نه هجي. ۽ جڏهن ڪنهن اسلامي ڀاءُ سان اختلافِ راءِ ٿئي، پوءِ اوهان تي ظاهر ٿئي ته اهو حق تي آهي ته ضد ڪرڻ جي بدران مڃي وٺو، پوءِ اُن جي سامهون اِن ڳالهه جو اعتراف ڪندي حق جي بيان تي اُن جي تعريف به ڪريو ته ”اوهان درست فرمائي رهيا آهيو **الله** تعاليٰ اوهان کي جزاءِ خير عطا فرمائي.“ اهڙي موقعي تي پنهنجي غلطيءَ مڃڻ اهو نفس تي تمام گهڻو دشوار آهي، پر لاڳيتو ائين ڪرڻ سان حق جو اعتراف ڪرڻ اوهان جي عادت بڻجي ويندي ۽ ان جي برڪت سان تڪبُّر کان به جان ڇٽي ويندي. اِنْ شَآءَاللہ عَزَّوَجَلَّ

## غلطي جو اعتراف!

جليلُ القَدر محدِّث امام دارِ قُطني رَحْمَةُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیْه جڏهن ننڍي عمر جا شاگرد هئا ته هڪ ڏينهن حضرت سيدنا امام انباري رَحْمَةُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیْه جي درسگاهه ۾ حاضر ٿيا، حديث لکرائڻ مهل امام انباري رَحْمَةُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیْه جن هڪ راوي جي نالي ۾ غلطي ڪئي، حضرت سيدنا دار قطني رَحْمَةُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیْه ادب جي سبب امام انباري رَحْمَةُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیْه کي ته ٽوڪي نه سگهيا پر جيڪو اُنهن جو آواز شاگردن تائين پهچائيندو هو ان کي ان غلطي کان آگاهه ڪري ڇڏيو. جڏهن ٻئي جمعي تي امام دارِ قُطني رَحْمَةُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیْه وري مجلسِ درس ۾ ويا ته امام انباري رَحْمَةُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیْه جو حق پسندي جو جوش ۽ بي نفسي جو عالم ڏسو جو انهن پيري مجلس جي سامهون اهو اعلان

فرمايو تہ اُنهي ڏينهن فُلان نالي ۾ مون کان غلطي ٿي هئي تہ هِن نوجوان شاگرد مون کي آگاھ ڪيو هو. (تاريخِ بغداد،ج٣،ص٤٠٠)

## (7) نمايان حيثيت جا طلبگار نہ بڻجو

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! عاجزي اپنائڻ جي لاءِ هن ڳالھ جو بہ خيال رکو تہ جڏهن اسان پنهنجي ساٿين سان گڏ هجون يا ڪنهن محفل ۾، ڪڏهن بہ ان خواهش کي دل ۾ جڳھ نہ ڏيون تہ مون کي نمايان حيثيت ڏني وڃي، مٿانهين جڳھ تي ويهاريو وڃي، منهنجو آدر ڀاءُ ڪيو وڃي. ها! ڪنهن از خود اوهان کي نمايان جڳھ تي ويهڻ جي درخواست ڪئي تہ قبول ڪرڻ ۾ حرج ناهي. جيئن اميرالمؤمنين حضرت سيدنا موليٰ عليُّ المرتضٰي كَرَّمَ اللهُ تَعَالٰي وَجْهَهُ الْكَرِيْم ڪِٿي تشريف فرما ٿيا ميزبان سندن لاءِ مسند (يعني تخت) ڪڍي آيو، پاڻ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ ان تي رونق افروز ٿيا ۽ فرمايائون: ڪو گڏھ ئي عزت جي ڳالھ قبول نہ ڪندو. (فتاوٰي رضويه ،ج٢٣،ص٧٢٠ )

## (8) غريبن جي دعوت بہ قبول ڪريو

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! صرف اميرن سان تعلق وڌائڻ ۽ انهن وٽ دعوتن تي وڃڻ جا عادي نہ بڻجو بلڪ پنهنجي جاڻ سُڃاڻ وارن ۾ غريبن کي بہ شامل ڪريو ۽ جڏهن اُهي اوهان کي دعوت ڏين تہ قبول ڪريو.

## غريبن تي خصوصي شفقت

مُحَدِّثِ اعظم پاڪستان حضرت علامہ مولانا محمد سردار احمد چشتي قادري رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه عام طور تي مالدارن جي دعوت قبول نہ ڪندا هئا پر اُن جي اُبتڙ جيڪڏهن ڪو غريب مسلمان دعوت جي پيشڪش ڪندو هو تہ جيستائين ممڪن هوندو پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه قبول فرمائي وٺندا هئا ۽ انهن جي معمولي ۽ سادي کاڌي تي بہ اُنهن جي تعريف فرمائيندا هئا تہ جيئن انهن کي ڪو دلي ڏک نہ رسي. هڪ ڀيري هڪ غريب ماڻهو جي دعوت تي پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه ان جي

گھر تشريف وني ويا، اُتي وجي خبر پئي تہ ان جو ڪکن ڪانن جو نهيل گھر ۽ بدبودار علائقي ۾ هو، پر پاڻ رَحْمَةُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَيْه جن اُن جي دلجوئي جي لاءِ ان وٽ ماني کاڌي ۽ پنهنجي ڪنهن عمل سان ان غريب کي محسوس ٿيڻ نہ ڏنو جو پاڻ رَحْمَةُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَيْه ڏپ محسوس ڪري رهيا آهن، باوجود ان جي جو عام حالتن ۾ معمولي ڏپ بہ سندن رَحْمَةُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَيْه جي لاءِ ناپسنديده هوندي هئي.

(حيات محدّث اعظم،ص۱۸۴)

## (9) ڪپڙن ۾ سادگي اختيار ڪريو

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڪپڙن ۾ سادگي اختيار ڪرڻ سان طبعيت ۾ عاجزي پيدا ٿيندي آهي، جڏهن تہ عُمده لباس پائڻ سان تڪبُّر ۽ رِياڪاري پيدا ٿيڻ جو انديشو آهي. دعوتِ اسلامي جي اشاعتي اداري مکتبة المدينہ جي شايع ٿيل 312 صفحن تي مشتمل ڪتاب، ”بهارِ شريعت“ حصو 16 صفحي 52 تي صدرُالشَّريعہ، بدرُالطَّريقہ حضرت علامہ مولانا مفتي محمد امجد علي اعظمي لکن ٿا: ايترو لباس جنهن سان اوگھڙ ڍڪجي ۽ گرمي سردي جي تڪليف کان بچي فرض آهي ۽ ان کان وڌيڪ جنهن سان مقصد زينت هجي ۽ اهو جو جڏهن تہ الله (عَزَّوَجَلَّ) ڏنو آهي تہ ان جي نعمت جو اظهار ڪيو وڃي، اهو مستحب آهي. خاص موقعي تي مثلاً جُمعي يا عيد جي ڏينهن بهترين ڪپڙا پائڻ مُباح (جائز) آهن. ان قِسم جا ڪپڙا روز نہ پائي چاڪاڻ تہ ٿي سگھي ٿو تہ آڪڙ اچڻ لڳي ۽ غريبن کي جِن وٽ اهڙا ڪپڙا ناهن حقارت ڀري نگاهہ سان ڏسي، تنهنڪري ان کان بچڻ ئي گھرجي ۽ تڪبر جي طور تي جيڪو لباس هجي اهو منع ٿيل آهي، تڪبر آهي يا نہ ان جي سُڃاڻپ ائين ڪري جو انهن ڪپڙن کي پائڻ کان پهرين پنهنجي جيڪا حالت هئي جيڪڏهن پائڻ کان پوءِ بہ اُها ئي حالت آهي تہ خبر پئي تہ انهن ڪپڙن سان تڪبر پيدا نہ ٿيو، جيڪڏهن اها حالت هاڻي باقي نہ رهي تہ تڪبر اچي ويو، تنهنڪري اهڙي ڪپڙي کان بچي جو تڪبر ڏاڍي خراب صفت آهي.

(ردالمحتار، کتاب الحظر و الإباحة، فصل في اللبس، ج۹، ص۵۷۹)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## (10) عاجزي جي فضيلتن جو مُطالعو ڪيو:

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! عاجزي اپنائڻ جي لاءِ مڪتبة المدينہ جي هنن ڪتابن ۽ رسالن ”تڪبُّر“صفحو 70 کان 96، احياء العلوم جلد 3 صفحو 999 کان 1010، سيرتِ رسولِ عربي صفحو 340 کان 346، فيضانِ عائشہ صديقہ 560 کان 570، سيرتِ مصطفيٰ "606 تا 609 جو مطالعو ڪيو،اِنْ شَآءَ اللّٰہ عَزَّوَجَلَّ ان جي برڪت سان عاجزي ۽ انڪساري اختيار ڪرڻ جو جذبو پيدا ٿيندو.

## بيان جو خلاصو

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اَلْحَمْدُ لِلّٰہ عَزَّوَجَلَّ اڄ جي بيان ۾ اسان اَمِيرُالمؤمنين حضرت سيدُنا عمر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْہُ جي سادگي ۽ عاجزي جا واقعا ٻڌا. ٺٺنڪري اسان کي بہ گهرجي تہ اسان بہ غرور ۽ تڪبُّر کان بچي عاجزي ۽ اِنڪساري کي پنهنجي ڪردار ۽ عادت جو حصّو بڻايون ۽ بيان ۾ ذِڪر ڪيل انهن تمام طريقن تي عمل جي ڪوشش ڪيون، جن تي عمل ڪرڻ سان عاجزي ۽ انڪساري ڪرڻ جو جذبو پيدا ٿئي ٿو ۽ تڪبُّر سان نفرت ٿئي ٿي.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو ! بيان کي ختم ڪندي سنّت جي فضيلت ۽ ڪجهہ سنّتون ۽ آداب بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪيان ٿو، تاجدار رسالت، شهنشاهِ نُبُوَّت، مصطفيٰ جانِ رحمت صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو فرمان جنّت نشان آهي: جنهن منهنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو. (1)

[1]...مشكاة الصابيح،کتاب الايمان،باب الاعتصام بالكتاب والسنة،۹۷/۱،حديث:۱۷۵

www.dawateislami.net

تری سُنّتوں پہ چل کر میری روح جب نکل کر چلے تم گلے لگانا مدنی مدینے والے

(وسائلِ بخشش، ص۴۲۸)

## ننهن ڪٽڻ جون سُنتون ۽ آداب

اچو! شيخِ طريقت، اميرِ اَهلسنّت دَامَتۡ بَرَکَاتُهُمُ الۡعَالِيَه جي رسالي ''101 مَدَنِي گل'' مان ننهن ڪٽڻ جون سنّتون ۽ آداب ٻڌون ٿا. ❁ جمعي جي ڏينهن ننهن ڪٽڻ مستحب آهن. ها جيڪڏهن وڌي ويا هجن تہ جمعي جو انتظار نہ ڪريو. (دُرِّمُختار،٦٦٨/٩)صدرُ الشَّريعہ، بدرُ الطَّريقہ مولانا امجد علي اعظمي فرمائن ٿا: منقول آهي: ”جيڪو جمعي جي ڏينهن ننهن ڪٽي الله تعاليٰ اُن کي ٻئي جمعي تائين مصيبتن کان محفوظ رکندو ۽ ٽي ڏينهن وڌيڪ يعني ڏهہ ڏينهن تائين. هڪ روايت ۾ هي بہ آهي تہ جيڪو جمعي جي ڏينهن ننهن ڪٽي تہ رحمت نازل ٿيندي ۽ گناهہ ڇڻندا. (دُرِّمُختار،رَدُّالْمُحتَار، ٦٦٨/٩، بهارِشريعت حصّه١٦، ٢٢٥،٢٢٦) ❁ هٿن جا ننهن ڪٽڻ جي منقول طريقي جو خلاصو پيش خدمت آهي: پهرين ساڄي هٿ جي شهادت واري آڱر کان شروع ڪري ترتيبوار چيچ سميت ننهن ڪٽيا وڃن پر آڱوٺو ڇڏيو وڃي، هاڻي کٻي هٿ جي چيچ کان شروع ڪري ترتيبوار آڱوٺي سميت ننهن ڪٽيو، پوءِ هاڻي آخر ۾ ساڄي هٿ جي آڱوٺي جو ننهن ڪٽيو وڃي. (دُرِّمُختار،٦٧٠/٩، اِحياءُ الْعُلُوم، ١٩٣/١) ❁ پيرن جي ننهن ڪٽڻ جي ڪا ترتيب منقول ناهي. بهتر اهو آهي تہ ساڄي پير جي چيچ کان شروع ڪري ترتيبوار آڱوٺي سميت ننهن ڪٽيو پوءِ کاٻي پير جي آڱوٺي کان شروع ڪري چيچ سميت ننهن ڪٽيو. (دُرِّمُختار،٦٧٠/٩، اِحياءُ الْعُلُوم، ١٩٣/١) ❁ جنابت جي حالت (يعني غسل فرض ٿيڻ جي صورت) ۾ ننهن ڪٽڻ مڪروهہ آهي. (عالَمگيري،٥ /٣٥٨) ❁ ڏند سان ننهن ڪٽڻ مڪروهہ آهي ۽ ان سان برص (يعني ڪوڙهہ) جي بيماري ٿيڻ جو انديشو آهي. (اَيضاً) ❁ ننهن ڪٽڻ کان پوءِ انهن کي دفن ڪري ڇڏيو ۽ جيڪڏهن اڇلائي

ڇڏيو تہ بہ حرج ناهي. (اَيضاً)❁ ڪنيل ننهن بيتُ الخلا يا غسل خاني ۾ اڇلائڻ مڪروھ آهن، جو ان سان بيماري پيدا ٿئي ٿي .(اَيضاً)❁ اربع جي ڏينهن نَنهن نہ ڪٽڻ گھرجن، چوتہ ڪوڙھ جي بيماري ٿيڻ جو انديشو آهي پر جيڪڏهن اوڻيتاليھ ڏينهن کان نہ ڪٽيا هئا، اڄ اربع چاليهون ڏينهن آهي جيڪڏهن اڄ نہ ڪٽيا تہ چاليھ ڏينهن کان وڌيڪ ٿي ويندا تہ اُن تي واجب ٿيندو تہ اڄ جي ئي ڏينهن ڪٽي ان ڪري جو چاليھ ڏينهن کان وڌيڪ ننهن رکڻ ناجائز ۽ مڪروھ تحريمي آهي. ( تفصيلي معلومات جي لاءِ فتاويٰ رضويہ جلد22 صَفحَہ 574کان685 جو مطالعو ڪيو) ❁ ڏِگها ننهن شيطان جي نشست گاھ آهن يعني انهن تي شيطان ويهندو آهي. .( اِتحافُ السّادَة للزّبيدي،٢/٦٥٣ )

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

طرح طرح جون هزارين سنتون سکڻ جي لاءِ مڪتبة المدينه جي شايع ٿيل ڪتاب 312 صفحن تي مشتمل ڪتاب "بهار شريعت" حصو 16 ۽ 120 صفحن جو ڪتاب "سنتيں ۽ آداب" هديو ڏئي حاصل ڪيو ۽ پڙهو. سنتن جي تربيت جو هڪ بهترين ذريعو دعوت اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر آهي.

مجھ کو جذبہ دے سفر کرتا رہوں پروَردگار
سنّتوں کی تربیت کے قافِلے میں بار بار
(وسائلِ بخشش،ص۶۳۵)

# دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اِجتِماع پڙهيا ويندڙ درود شريف

## ﴿1﴾ جمعہ جي رات جو دُرُود

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِنِ النَّبِىِّ الْاُمِّىِّ الْحَبِيْبِ الْعَالِى الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو آهي تہ جيڪو شخص هر جمعرات (جمعي ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ مان گهٽ هڪ ڀيرا پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينہ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيندي وقت اهو بہ ڏسندو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن،[1]

## (2) سمورا گُناہ مُعاف

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَمَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سيدُنا انس رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰى عَنْهُ کان روايت آهي تہ تاجدارِمدينهصَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو :جيڪو شَخص اهو دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تہ ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناهہ معاف ڪيا ويندا.[2]

---

[1] ...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون،ص151ملخصًا

[2] ...افضل الصلوات على سيد السادات،الصلاة الحادية عشرة، ص 65

www.dawateislami.net

## (3)رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّی اللہُ عَلٰی مُحَمَّد

جيڪو اهو دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن.(1)

## (4)ڇهه لک دُرُود شريف جو ثواب

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰی سَیِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِیْ عِلْمِ اللّٰہِ صَلَاۃً دَآئِمَۃً بِدَوَامِ مُلْکِ اللّٰہ

حضرت اَحمدصاوِي عَلَيهِ رَحمَة اللهِ الهَادِی کن بُزرگن کان نقل ڪن ٿا هن دُرُود شريف کي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇهه لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي.(2)

## (5)قُربِ مُصطفٰي صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰی مُحَمَّدٍ کَمَا تُحِبُّ وَتَرْضٰی لَہٗ

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو تہ حُضُورِ اَنورصَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَیهِ واٰلِهٖ وَ سَلَّمَ ان کي پنهنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنهُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهي سبب صَحابَہ ڪرام رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنهُم کي تَعَجُّب ٿيو تہ اهو مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو تہ سرڪار مدينہ صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَیهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: اهو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي تہ ائين پڙهندو آهي.(3)

---

1 …القول البديع،الباب الثانی، ص277،

2 …افضل الصلوات على سيد السادات،الصلاة الثانية والخمسون،ص149

3 …القول البديع،الباب الاول،ص125

# (6) دُرُودِ شَفاعت

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰی مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيَامَة

شافعِ اُمَم صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جو فرمانِ مُعَظَّم آهي جيڪو شخص هن درود شريف کي پڙهي ته ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي.[1]

## (1) هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَى اللّٰهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَّا هُوَ اَهْلُهٗ

حضرتِ سيدُنا ابنِ عباس رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡھُمَا کان رِوايت آهي ته سرڪارِمدينه صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: انهي درود شريف کي پڙهڻ واري جي لاءَ ستر ملائڪ هڪ هزار ڏينهن تي نيڪيون لکندا آهن[2]

## (1) جڻ شب قدر حاصل ڪري ورتي-

فرمان مصطفيٰ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ آهي جنهن هن دعا کي 3 ڀيرا پڙهيو ته ان جڻ شب قدر حاصل ڪري ورتي.[3]

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ ، سُبْحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْم

(خداءِ حليم ۽ ڪريم کان سواءِ ڪو به عبادت جي لائق ناهي الله عَزَّوَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

---

[1] … الترغيب والترهيب،كتاب الذكر و الدعاء،٣٢٩/٢،حديث:٣٠

[2] … مجمع الزوائد،كتاب الادعية،باب فى كيفية الصلاة…الخ،254/10،حديث:17305

[3] … تاريخ ابنِ عساكر،١٥٥/١٩،حديث:۴۴١۵